# ١. پرارٿنا



**پڙهو. ڳايو.**

تو بَخشيون اَسان کي، لکين نعمتون،
ديا سان اُنهن ۾، تون وِجهه بَرِڪتون.
سٺيون عادتون ڏي، سٺيون خصلتون،
تہ پنهنجون سُڌاريون اَسين حالتون.
دَيالو اَسان تي، اِها ڪَرِ دَيا،
چَپَنِ تي رِهي تنهنجو نالَو سَدا.
ڪنن سان ٻُڌون، تنهنجي هردم ثنا،
اَکين سان ڏسون شان تنهنجو پيا.
نمسڪار توکي هميشهہ ڪريوُن،
ءُ سِرُ تنهنجي چرنن ۾ هردم ڌريون.

**نوان لفظ:**

بخشيون= ڏنيون
خصلتون = خوبيون
شان = ڏيِڏَيو، جلوو.
نعمتون = وردان
سَدا = سدائين
برڪت = واڌارو
ثنا = ساراهہ

## اَڀياس

**سوال ۱: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

۱) شاعر چا ۾ برڪتون وَجھڻ لاءِ چوي ٿو؟

۲) پنهنجون حالتون سُڌارڻ لاءِ ايشور ڪان چا گھريو ويو آهي؟

۳) ڇَپَنِ تي ڪنهنجو نالو رَهڻ لاءِ چيل آهي؟

**سوال ۲: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

۱) شاعِرُ ڪَنَنِ ۽ اکين لاءِ چا ٿو چوي؟

۲) 'پرارٿنا' بيت جو سارُ لکو.

**سوال ۳: خال ڀريو.**

۱) تو بخشيون اَسان کي ...................... نعمتون.

۲) ديالو اَسان تي اِها ڪَرِ ......................

۳) ...................... توکي هميشهہ ڪريون.

**سوال ۴: بيت جي آڌار تي سِٽُون پوريون ڪريون.**

۱) سٺيون عادتون ............................................................ اَسين حالتون.

۲) ڪَنن سان ............................................................ تنهنجو پيا.

---

## پورڪ اَڀياس

**(۱) شعر بند تي عملي ڪم**

سٺيون عادتون ............................................................ شان تنهنجو پيا.

**ڇوڪنڊن ۾ ڏنل لفظن جا ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ لکو.**

| سدا | اَکين |
| --- | --- |
| | |

**(i) 'هردم' لفظ جا اَکر ڪم آڻي، نوان لفظ تيار ڪريو:-**

۱) .................................... (هميشهہ)

۲) .................................... (ساھُ)

۳) .................................... (ساڳيو)

۴) .................................... (ڳني)

**(٢) هيٺ ڏنل بيان لاءِ ’سٺي عادت‘ يا ’خراب عادت‘ برئڪيٽ ۾ لکو:**

١) هميشھ سچ ڳالهائجي. ( )

٢) دير سان اُٿڻ گھرجي. ( )

٣) وقت جو قدر ڪرڻ گھرجي. ( )

٤) ڪاڌي ڪائڻ کان اَڳ ھٿ ڌوئڻ گھرجن. ( )

٥) ٻاهريون جنڪ فوڊ ڪائڻ گھرجي. ( )

٦) روز ڪسرت ڪرڻ گھرجي. ( )

٧) صبح جو اُٿڻ سان ۽ رات جو سمهڻ کان اَڳ ٻُرش ڪرڻ گھرجي. ( )

**(٣) سنڌيءَ ۾ ڪيترا مشهور پرارٿنا گيت آهن. اُنهن مان جيڪي توهان کي وڻن اُهي ڪلاس ۾ گڏجي ڳايو.**

LHS3HQ

## پاڙ ڪريان - پاڙ سکان

**١. هيٺ گولن مان سڀ اَکر ڪٽي ٻہ لفظ ٺاهي اُنهن جا الڳہ الڳہ جملا ڏنل مثال موجب لکو:**

| اَکر | لفظ ۽ جملا |
|---|---|
| مثال: د آ ي | ١. هاسٽل ۾ رهندي مان مائٽن کي ڏاڍو یاد ڪندو آهيان.<br>٢. اَسان کي پکين پسن تي ديا ڪرڻ گھرجي. |
| و ر ز | ١.<br>٢. |
| آ ر ڇ | ١.<br>٢. |
| ل م ع | ١.<br>٢. |
| ز آ ي ن | ١.<br>٢. |
| ي ت ر | ١.<br>٢. |
| ڪ و ل | ١.<br>٢. |